لفظن کان اڳتي: ڪهاڻيڪار جي دنيا

# فاتح مرڪ

## ڪهاڻي

احساس کان اظهار تائين: ڪهاڻيڪار جو سفر

## محمد علي پتاڻ

مرڪ، جيڪا ڪهاڻيڪار ڏني

نقادن جي نظر ۾

مرتب
جنيد فاروقي

ادبي سفرجا ٿي رنگ: ڪهاڻي، تنقيد ۽ جواب

# فاتح مرڪ

[ڪهاڻي]

## محمد علي پٺاڻ

## نقادن جي نظر ۾

مرتب

## جنيد فاروقي

# انتساب

انهن پيئن جي نالي،

جن جي اکين ۾ خواب ته وڏا هوندا آهن،

پر هٿ خالي هوندا آهن...

۽ انهن معصوم ٻارن جي نالي،

جيڪي پنهنجي ننڊڙن خوابن کي قربان ڪري،

پنهنجن وڏن جي اکين جا ڳوڙها سڪائيندا آهن...

انهن مرڪن جي نالي،

جيڪي درد مان جنم وٺن ٿيون

پر دنيا کي فتح ڪرڻ جو حوصلو رکن ٿيون.

## اقتباس

”ڪڏهن ڪڏهن،

هڪ ننڍڙي مرڪ...

سڄي دنيا جي

سپ ڪارن

وڏي فتح بڻجي وڃي ٿي.“

# فهرستِ مضامين


پيش لفظ 5

تعارفي نوٽ 8

احساس کان اظهار تائين: ڪهاڻيڪار جو سفر

فاتح مرڪ ... (ڪهاڻي) محمد علي پناڻ 10

ڪهاڻيڪار سان هڪ فڪري انٽرويو 12

تنقيد 14

پوڙها اديب ۽ پاروٿيون ڳالهيون!

خادم حسين جروار

خادم حسين جروار جي تنقيد جو ادبي جائزو 17

جنيد فاروقي

ڪهاڻي تي ڪليڪ تنقيدي دعوت 31

”فاتح مرڪ“ ادهوري ڪهاڻي، مڪمل احساس

مختلف اديبن، شاعرن ۽ نقادن جا خيال، سوال ۽ ردِ عمل

”فاتح مسکراہٹ“ (کہانی) اردو ترجمہ 44

46 The Smile That Won (English Translation)

## تخليق کان تنقيد تائين: هڪ ادبي سفر

ادب، وقت جي وهڪري سان گڏ بدلجندڙ احساسن، فڪرن ۽ حالتن جو عڪس آهي. هن عڪس ۾ ڪڏهن ڪهاڻي پنهنجو چهرو ڏيکاري ٿي ته ڪڏهن شاعري پنهنجا رنگ اوتي ٿي. جيڪڏهن ادب کي هڪ وڻ سمجهجي ته ڪهاڻي ان جي اهم شاخ آهي. اهڙي شاخ، جيڪا انساني تجربي کي لفظن ۾ قيد ڪري، پڙهندڙ جي دل تائين پهچائي ٿي.

ڪهاڻيءَ جو سفر داستان گوئي، آکاڻين ۽ روايتي ڪتائن کان ٿيندو، جديديت ۽ بعد جديديت جي منزلن تائين پهتو آهي. دنيا جي ادب وانگر سنڌي ڪهاڻي به هن ارتقائي سفر مان گذري آهي، جتي عالمي ادب جا اثر ۽ مقامي تجربي جي مٽي گڏجي هڪ نئون رنگ تخليق ڪن ٿا. ورهاڱي جي صدمي کان پوءِ به، جڏهن حالتون ناسازگار هيون، تڏهن به سنڌي ادب پنهنجي ساهه کي زنده رکيو. ۽ تماهي "مهراڻ" جي اشاعت ان جي نئين جنم جي علامت بڻجي سامهون آئي.

وقت جي سفر ۾ سنڌي ڪهاڻي جديديت جا مرحلا طئي ڪندي، وري حقيقت پسنديءَ ڏانهن موٽي آهي. اهڙي حقيقت پسندي، جيڪا صرف منظرنگاري نه، پر سماجي سچائيءَ جي بيباڪ اظهار تي ٻڌل آهي. سنڌ جي زمين، ان جا مسئلا، ان جا درد، اهي سڀ سنڌي ڪهاڻيءَ جو اٽوٽ حصو رهيا آهن، ۽ اهو سلسلو اڄ به جاري آهي.

محمد علي پناڻ به انهيءَ ئي ادبي تسلسل جو هڪ اهم نالو آهي، هڪ اهڙو تخليقڪار، جيڪو شاعر به آهي ۽ ڪهاڻيڪار به. سندس لکڻين ۾ احساس جي نرمي ۽ مشاهدي جي تيزي گڏيل نظر

اچي ٿي. خاص طور تي مختصر ڪهاڻيءَ جي فن تي سندس عبور قابلِ ذڪر آهي، ڇو ته گهٽ لفظن ۾ وڏي ڳالهه چوڻ هر ڪنهن جي وس جي ڳالهه ناهي.

هن ڪتاب ۾ شامل هڪ ڪهاڻي، "فاتح مرڪ"، سماج جي انهن اوڻائين ۽ حقيقتن کي سامهون آڻي ٿي، جيڪي اڪثر نظرن کان اوجهل رهجي وڃن ٿيون. هڪ سادي منظر ۾، هڪ پيءُ ۽ پٽ جي مختصر گفتگو ۾، جيڪا گهري معنويت ۽ درد سمايل آهي، اها ئي هن ڪهاڻيءَ جي اصل طاقت آهي.

پر هن ڪتاب جي خاصيت رڳو ڪهاڻين تائين محدود ناهي. هن ۾ ڪهاڻيڪار سان ٿيل هڪ فڪري ۽ گهڻ پاسائي انٽرويو پڻ شامل آهي، جتي هو پنهنجي تخليقي عمل، ڪهاڻيءَ جي پسمنظر ۽ ان ۾ سمايل معنائن تي روشني وجهي ٿو. هي انٽرويو پڙهندڙ کي متن کان اڳتي وني وڃي، تخليق جي اندروني دنيا سان روشناس ڪرائي ٿو.

ان سان گڏ، هن ڪتاب ۾ ڪهاڻيڪار طرفان تنقيد جي هڪ کليل دعوت پڻ ڏنل آهي. اهڙي دعوت، جيڪا ادب کي هڪ طرفي اظهار کان ڪڍي، گڏيل مڪالمه بڻائي ٿي. هن دعوت جي نتيجي ۾، هن ڪهاڻي تي مختلف اديبن، شاعرن ۽ ڪهاڻيڪارن پنهنجا پنهنجا نقطه نظر پيش ڪيا آهن، جيڪي هن ڪتاب جو اهم حصو بڻيل آهن.

خاص طور تي، خادم حسين جروار جي ڪيل مفصل تنقيد هن ڪتاب ۾ شامل آهي، جنهن ڪهاڻيءَ جي فني ۽ فڪري پهلوئن تي سوال اٿاريا. ان تنقيد جي رِدعمل ۾، ٻين اديبن، شاعرن ۽ ڪهاڻيڪارن جا جواب ۽ تجزيا پڻ شامل ڪيا ويا آهن، جيڪي نه رڳو هڪ تخليق جي پرک ڪن ٿا، پر سنڌي ادب ۾ صحتمند تنقيدي روايت کي به اجاگر ڪن ٿا.

اهڙي طرح، هي ڪتاب صرف ڪهاڻي جو مجموعو نہ، پر هڪ ادبي گفتگو، فڪري ٽڪراءُ ۽ تخليقي عمل جو زنده دستاويز بڻجي سامهون اچي ٿو. جتي تخليق، تنقيد ۽ ردِعمل گڏجي ادب جي هڪ نئين فضا تخليق ڪن ٿا.

اميد آهي تہ هي ڪتاب پڙهندڙن کي نہ رڳو ادبي لطف فراهم ڪندو، پر کين سوچڻ، سوال ڪرڻ ۽ پنهنجو نقطہ نظر پيش ڪرڻ جي بہ همت ڏيندو. ڇو تہ ادب جي اصل زندگي بہ انهيءَ ۾ آهي.

جنيد فاروقي

## تعارف

### احساس ڪارڻ اظهار تائين: ڪهاڻيڪار جو سفر

ادب هميشه لفظن جي گهڻائي سان نه، پر انهن جي چونڊ، ماٺ ۽ معنوي گهرائي سان پنهنجو اثر قائم ڪندو رهيو آهي. ڪڏهن هڪ ڊگهو بيان به اهو نه چئي سگهندو آهي، جيڪو هڪ مختصر سِٽ پنهنجي خاموش شدت سان دل تي نقش ڪري وجهي ٿي. مختصر اظهار چاهي نظم هجي، افورزم هجي يا شارٽ اسٽوري، ادب جي ڪمزوري نه، پر ان جي پختگيءَ ۽ شعوري بلوغت جو ثبوت هوندو آهي، جتي هر لفظ پنهنجي جاءِ تي وزن رکي ٿو ۽ هر وقفو پنهنجي معنيٰ ڪٿي ٿو.

محمد علي پناڻ اهڙي ئي فڪري ۽ فني شعور وارو تخليقڪار آهي، جنهن پنهنجي قلم سان مختلف صنفن، شاعري، ڪهاڻي، ناٽڪ ۽ ناول ۾ پاڻ کي مڃرايو آهي. سندس لکڻين ۾ ڌرتيءَ جي خوشبو، وقت جي سچائي ۽ انسان جي اندروني ڪيفيتن جو عڪس صاف نظر اچي ٿو. هن ڪتاب ۾ شامل سندس مختصر ڪهاڻي ”فاتح مرڪ“ به ان ئي فڪري تسلسل جي هڪ جاندار مثال آهي.

”فاتح مرڪ“ ڪا روايتي ڪهاڻي نه آهي، جيڪا پلاٽ، منظرنگاري يا ڊگهي بيان تي ٻيڌل هجي، بلڪ اها هڪ لمحي کي پڪڙڻ جي ڪوشش آهي. اهو لمحو، جتي هڪ پيءُ جي بيبسي ۽ هڪ ٻار جي معصوميت هڪ ٻئي سان ٽڪرائجن ٿا. هن ڪهاڻيءَ ۾ لفظ گهٽ آهن، پر انهن جي وچ ۾ جيڪا ماٺ آهي، اها گهڻو ڪجهه ٻڌائي ٿي. هڪ سادي گفتگو، ڪجهه مختصر جملا، ۽ پوءِ هڪ مرڪ، پر اها مرڪ رڳو چهري تي نه، پر وجود جي گهراين ۾ لهندڙ هڪ اهڙو احساس بڻجي وڃي ٿي، جيڪا پڙهندڙ کي سوچڻ تي مجبور

ڪري ٿي.

مختصر اظهار جي اها روايت عالمي ادب ۾ فلسفي ۾ به نمايان رهي آهي. وڏن مفڪرن هميشه ڪوشش ڪئي آهي ته هو ڳوڙهن خيالن کي ٿورن لفظن ۾ سموئن، جيئن پڙهندڙ رڳو پڙهي نه، پر سوچي به. ساڳئي روايت ۾ ”فاتح مرڪ“ به هڪ اهڙو فڪري ٽڪرو بڻجي سامهون اچي ٿي، جيڪو پڙهندڙ کي پنهنجي اندر جهاتي هڻڻ جي دعوت ڏئي ٿو.

هيءَ ڪهاڻي دراصل هڪ سماجي پسمنظر سان ڳنڍيل آهي، جتي غربت، محرومي ۽ اميد هڪ ئي وقت موجود آهن. ٻار جو نون ڪپڙن لاءِ اصرار، پيءُ جي بي وسي، ۽ پوءِ ان مرڪ ۾ لڪل قرباني، اهي سڀ لمحا گڏجي هڪ اهڙو منظر تخليق ڪن ٿا، جيڪو صرف هڪ گهر جي ڪهاڻي نه، پر پوري سماج جو عڪس بڻجي وڃي ٿو.

محمد علي پناڻ جي فني ڪاميابي انهيءَ ۾ آهي ته هو ڄاڻي ٿو ته ڪٿي ڳالهه ڪرڻي آهي ۽ ڪٿي ماٺ اختيار ڪرڻي آهي. هو پڙهندڙ کي صرف واقعي تائين محدود نٿو رکي، پر ڪيس ان جو حصو بڻائي ڇڏي ٿو، جتي هر پڙهندڙ پنهنجي تجربي ۽ احساس مطابق ڪهاڻي کي مڪمل ڪري ٿو.

هي ڪتاب رڳو پڙهڻ لاءِ نه، پر محسوس ڪرڻ لاءِ آهي، رڳو سمجهڻ لاءِ نه، پر سوال ڪرڻ لاءِ آهي. هتي لفظن کان وڌيڪ انهن جي وچ واري خاموشي ڳالهائي ٿي، ۽ شايد اها ئي هن تخليق جي اصل سڃاڻپ آهي.

محمد علي پناڻ جي هيءَ ڪوشش سنڌي ادب ۾ مختصر ڪهاڻيءَ جي فن کي نئين فڪري سگهه سان پيش ڪري ٿي، جتي سادگي، گهرائي ۽ سچائي گڏجي هڪ اهڙو ادبي تجربو پيدا ڪن ٿا، جيڪو دير تائين پڙهندڙ جي ذهن ۽ دل ۾ زنده رهي ٿو.

## فاتح مرڪ ... (ڪهاڻي)

محمد علي پناهڻ

”نہ پڙهندين نہ، سِڌو ٻُڌاءِ؟“

”نہ“

”ڇَڏَهَ چارينديں؟“

”ها، مامو خاڪلُ جو چاريندو آ.“

”بروبر، اهو بہ هڪ ڪم آ بابلا، جيئن پڙهڻ ڪم آ. هُو جسماني، هِي ذِهِني.“

”الائي چا تو چئين 'جسماني، ذِهِني'. مان ڪو نہ پڙهندس.“

”يارَ، ائين نہ ڪر. يلا ڪو سُنو رانديڪو وني ڏيانءِ. ان جي صدقي پڙهُ.“

”لَتا وني ڏي. اَڏوراٽا ڍير وارا نہ، نوان.“

”نيڪ آ. پر فصل تي. واعدو آ. هاڻي تہ هلندين نہ اسڪول.“

”ڪو نہ هلندس. فصل تي قرض ۾ سپ اَنُ وڏيرو ڪٽي ويندو. پئسا هوندا ئي نہ، تہ لتا ڪيئن وني ڏيندين.“

پيءُ جي اکين ۾ ڳوڙها پرجي آيا.

”روئين چو تو؟“

پيءُ کو بہ جواب نہ ڏئي اوچنگارن ۾ ٻُتِجي ويو.

بارُ وڏيڪ پيءُ کي روئندو نہ ڏسڻ چاهيندي اڳتي وڌي ويو. ڳراٽڙي پائيندي ڏڪاري لهجي ۾ چيائينس،”نہ روءُ... بس ڪر... پلي نوان لتا نہ وني ڏي نہ. مان سپاڻي ساڳيا پائي توسان هلندس اسڪول “ !

پيءُ پاڻ تي ضابطو آڻيندي ڳوڙهن هاڻين اکين سان پٽ سان ٻڪجي ويو. چپن تي اهڙي مرڪ تري آيس،

جنهن ڄڻ سڄو جَهانُ فتح ڪري ورتو هو!

ڪهاڻي ٽماهي ”مهراڻ“ جي 2026ع جي پهرين شماري ۾ شايع ٿي آهي.

# ادبي سفر جا ٽي رنگ:

# ڪهاڻي،

# تنقيد

# ۽

# جواب

انٽرويو وٺندڙ : جنيد فاروقي

انٽرويو ڏيندڙ : محمد علي پناڻ ( ڪهاڻي: فاتح مرڪ)

”مرڪ، جيڪا ماڻهن ۾ ڪٽي وئي“

**فاروقي:** (چانهه جو ڪپ هٿ ۾، ڏسندي):
سائين... اوهان جي تازي لکيل ڪهاڻي ”فاتح مرڪ“ تماهي ”مهراڻ“ جي 2026ع جي پهرين شماري ۾ شايع ٿي آهي.
پڙهي دل ڪجهه دير لاءِ ماٺ ٿي وئي... سوچان ٿو، اوهان سان هڪ ادبي ويهڪ ٿي وڃي.

چانهه پيئنداسين يا اَڄُ ڳالهيون ئي ڪافي آهن؟

**محمد علي پناڻ:** (مرڪ سان، ڪپ کي هٿ لڳائيندي ):
چانهه تہ هر ڀيري ملي ويندي آهي، فاروقي صاحب...
پر ڪجهه ڳالهيون اهڙيون هونديون آهن، جيڪي هر ڀيري ناهن ٿينديون.

**فاروقي:** ”فاتح مرڪ“، مرڪ تہ عام ڳالهہ آهي...
پر اوهان ان کي ”فتح“ بڻائي ڇڏيو.
مرڪ ڪڏهن فتح ٿيندي آهي؟

**محمد علي پناڻ:** (اکيون هيٺ ڪري، آهستي)
جڏهن ماڻهو هار مڃي بہ نہ مڃي.
جڏهن اکين ۾ ڳوڙها هجن، پر چپن تي اميد زنده رهي.
مرڪ تڏهن فتح ٿيندي آهي، جڏهن اندر جو ٽُٽڻ بہ انسان کي نہ ٽوڙي سگهي.
چو تہ ڪجهه فتحون... شور سان نہ ٿينديون آهن. اُهي ماٺِ ۾ جنم وٺنديون آهن.
**فاروقي:** اوهان جي ڪهاڻيءَ ۾ نہ ڪو وڏو منظر، نہ ڪو ڏکو بيان...
بس ڪجهه جملا... ۽ پوءِ هڪ وڏو احساس.
ڇا اهو ڪافي آهي؟

---

هيءَ گفتگو روايتي انٽرويو نہ، پر هڪ تخليقي پيشڪش آهي. جتي سوال ڪهاڻيءَ جي متن مان جنم وٺن ٿا ۽ جواب بہ ساڳي ڪهاڻي ”فاتح مرڪ“ جي اندر مان ئي اُڀرن ٿا.

**محمد علي پناڻ:** (هلڪي مرڪ)
زندگي بہ تہ ايتري ئي هوندي آهي.
ڪجھ ”لمحا...“ ۽ انهن جي وچ ۾ هڪ ڏکهي ماٺ.
(ٿورو رڪجي)
فاروقي صاحب...
خاموشي ئي تہ اصل ڪهاڻي هوندي آهي.
لفظ تہ صرف در کوليندا آهن.
اندر جيڪي آهي، اهو ماٺ ئي ٻڌائيندي آهي.

**فاروقي:** پيءُ ۽ پٽ، ٻہ ڪردار،
پر انهن جي وچ ۾ هڪ پوري دنيا بيٺل لڳي ٿي.
هي فاصلو ڇا آهي؟

**محمد علي پناڻ:** اهو فاصلو حالتن جو آهي.
پيءُ خواب ڏسي ٿو، پٽ حقيقت سمجهي ٿو.
۽ انهن ٻنهي جي وچ ۾... غربت بيٺي آهي.

**فاروقي:** (ٿوري شدت سان)
جڏهن ٻار چوي ٿو: ”وڏيرو سچو اَنُ ڪٽي ويندو...“
اهو جملو، سائين... ڇڻ ڪنهن ننڍڙي دل مان نہ، پر ڪنهن پوڙهي روح مان نڪتو هجي.

**محمد علي پناڻ:** (گهرو ساهہ کڻي)
غربت...
عمر نہ ڏسندي آهي، فاروقي صاحب...
اها سڌو عقل تي اثر ڪندي آهي.
ڪڏهن ڪڏهن ٻار، وقت کان اڳ وڏا ٿي ويندا آهن.

**فاروقي:** پيءُ جو روئڻ...
۽ پوءِ ٻار جو ڪيس پرچائڻ... اهو منظر پڙهندي لڳو، ڄڻ دنيا

ڪجهه دير لاءِ اُلٽي ٿي وئي هجي.

محمد علي پناهڻ: (اکين ۾ هلڪو درد)
ها...
ڪڏهن ڪڏهن، زندگي پنهنجا ڪردار پاڻ لکي ٿي.
۽ پوءِ...
ٻار، پيءُ جو سهارو ٻڻجي ويندو آهي.

فاروقي: (ڪپ ٽيبل تي رکي)
اوهان ڪهاڻيءَ ۾ ڪٿي به ”مان“ ناهي آندو، نه ڪا وضاحت ڏني، ڇا اوهان پڙهندڙ تي ڀروسو ڪيو؟

محمد علي پناهڻ:
ادب ۾ سڀ کان وڏي همت، پڙهندڙ تي ڀروسو ڪرڻ آهي.
جيڪڏهن هر ڳالهه لکي ڇڏجي، ته پوءِ محسوس ڪرڻ جي گنجائش ڪٿي بچندي؟

فاروقي:
ڪجهه ماڻهو چون ٿا ته ڪهاڻي ادهوري آهي، نه مڪمل پلاٽ، نه روايتي انجام (ڪلائيميڪس)، نه مڪمل ڍانچو.

محمد علي پناهڻ: (هلڪي مرڪ، پر اکين ۾ سنجيدگي)
زندگي ڪڏهن مڪمل ٿيندي آهي؟
اسان سڀ...
ادهورين ڪهاڻين جا ڪردار آهيون.
مان ته صرف هڪ ٽڪرو لکيو آهي... باقي پڙهندڙ پنهنجي زندگيءَ مان پورو ڪري وٺندو آهي.

فاروقي:
ڪهاڻي مڪمل طور ڊائلاگ تي ٻڌل آهي.
ڪو منظر، ڪو بيان تقريباً ناهي.
اها فني چونڊ هئي يا فطري انداز؟

محمد علي پناڻ:
فني به... ۽ فطري به.
ڳوٺ ۾ ڪهاڻيون بيان سان نه، ڳالهين سان ٻڌايون وينديون آهن. ماڻهو پنهنجا درد به سوالن ۽ جوابن ۾ لڪائيندا آهن.

فاروقي:
”ڳڌھ چاريندين؟“ جهڙو جملو ڪافي بحث هيٺ آيو آهي.
ڪي چون ٿا اهو پراڻو يا cliché آهي.

محمد علي پناڻ:(هلڪي مرڪ سان)
جيڪو سماج ۾ زنده هجي، اهو ادب ۾ پراڻو ڪيئن ٿي سگهي؟
ڳڌھ هتي صرف جانور ناهي، هڪ تقدير جو استعارو آهي.

فاروقي:
۽ پوءِ...
پيءُ جي اها مرڪ، ”فاتح مرڪ“، اِهو آخر ڇا جي عَلامت آهي؟

محمد علي پناڻ: (اکيون ڪولي، سڌو سامهون ڏسندي)
اها مرڪ، قبوليت جي آهي.
قرباني جي آهي.
۽ شايد... محبت جي هار ۾ لڪل فتح آهي.

فاروقي : (آهستي، ڄڻ پاڻ سان ڳالهائي رهيو هجي)
”مان سياڻي ساڳيا پائي توسان هلندس اسڪول...“ هي جملو...
هي جملو دل ۾ ڇو رهجي وڃي ٿو؟

محمد علي پناڻ: (اکيون بند ڪري)
”مان سياڻي ساڳيا پائي توسان هلندس اسڪول...“
ڇو ته اهو جملو ناهي... اها هڪ قرباني آهي.
هڪ ننڍڙي دل جو وڏو فيصلو، هڪ عهد آهي.

فاروقي:
آخري سوال... ادب ڇا آهي؟ لفظ، احساس يا سچ؟

محمد علي پناڻ:
ادب...
انهن ٽنهي جي وچ ۾ بيٺل هڪ ماڻ آهي، جيڪا هر ڪنهن کي پنهنجي پنهنجي آواز ۾ ٻڌڻ ۾ ٿي اچي.

فاروقي: (آهستي مسڪرائيندي)
سائين...
اڄ لڳو، مُرڪ رڳو چپن تي نه، دِل ۾ به اُڀري سگهي ٿي.

محمد علي پناڻ: (مرڪندي، ٿورو جهڪي)
۽ جڏهن دل ۾ جنم وٺي...
ته دنيا جي ڪا به هَار، ان کي شڪست نٿي ڏئي سگهي.
ته پوءِ اها ئي اصل "فتح" هوندي آهي.

فاروقي:
ڪجهه نقادن جو چوڻ آهي ته ڪهاڻي فني طور مڪمل ناهي، نه مضبوط پلاٽ، نه منظرنگاري. اوهان ڇا چوندا؟

محمد علي پناڻ:
هر ڪهاڻي جو پنهنجو قد هوندو آهي.
ڪجهه وڻ وڏا ٿيندا آهن، ڪجهه ڇانو ڏيندا آهن.
مان صرف هڪ لمحو لکيو آهي، هاڻي اِهو ڪنهن لاءِ ڪهاڻي آهي، ڪنهن لاءِ احساس.
فاروقي:
سائين، هڪ اهم ڳالهه به سامهون آئي آهي
هن ڪهاڻيءَ تي خادم حسين جروار صاحب هڪ مفصل تنقيدي ليک لکيو آهي، جنهن ۾ ڪهاڻي سان گڏ پيش ڪيو

ويو آهي، ۽ پڙهندڙن کي بہ دعوت ڏني وئي آهي تہ هو پنهنجا پنهنجا نقط نظر پيش ڪن.
اوهان هن عمل کي ڪيئن ٿا ڏسو؟

**محمد علي پناڻ:** (سوچ ۾ ٻڏل لهجو)
اِهو ادب لاءِ سنو سنوڻ آهي، فاروقي صاحب...
جڏهن هڪ تخليق سان گڏ تنقيد بہ هلندي آهي،
تہ لفظ اڪيلا نہ رهندا آهن. اُهي گفتگو بڻجي ويندا آهن.

**فاروقي:**
تہ ڇا اوهان سمجهو ٿا تہ پڙهندڙن کي پنهنجي راءِ ڏيڻ جي اهڙي دعوت ادب کي اڳتي وٺي وڃي سگهي ٿي؟

**محمد علي پناڻ:** بيشڪ.
ادب جڏهن صرف ليکڪ تائين محدود رهي ٿو، تہ اهو هڪ آواز هوندو آهي. پر جڏهن پڙهندڙ بہ شامل ٿين ٿا،
تہ اهو هڪ ”مڪالمو“ بڻجي وڃي ٿو.
۽ ادب...
مڪالمہ کان سواءِ جيئرو نٿو رهي سگهي.

**فاروقي:**
ڪجهہ ماڻهو تنقيد کان ڪيٻائيندا آهن، پر هتي تہ ان کي پليڪار ڪيو ويو آهي، ڇا اها هڪ مثبت روايت آهي؟

**محمد علي پناڻ:** (هلڪي مرڪ)
تنقيد کان ڀڄڻ، اصل ۾ پاڻ کان ڀڄڻ آهي.
جيڪڏهن اسان چاهيون ٿا تہ ادب وسيع ٿئي، تہ پوءِ اسان کي اختلافِ راءِ کي بہ جاءِ ڏيڻي پوندي.

**فاروقي:**
۽ پڙهندڙ ۽ لکندڙ، ٻنهي لاءِ هن عمل جو ڪهڙو فائدو آهي؟

**محمد علي پناڻ:**

پڙهندڙ سڪندو آهي سوچڻ ۽ لکندڙ سڪندو آهي ٻڌڻ.
۽ جڏهن سوچ ۽ ٻڌڻ گڏ ٿين ٿا، تڏهن ئي ادب جو حقيقي سفر شروع ٿئي ٿو.

**فاروقي:** (مرڪندي)

تہ پوءِ، چا چئون هي صرف ڪهاڻي نہ، پر هڪ ادبي سفر جي شروعات آهي؟

**محمد علي پناڻ:**

ها... ۽ هر پڙهندڙ، ان سفر جو پنهنجو مسافر آهي.

**فاروقي:**

آخر ۾، اَڄُ جي نوجوان ليکڪن لاءِ ڪا ڳالهہ؟

**محمد علي پناڻ:**

وڏيون ڳالهيون لکڻ کان اڳ، سچيون ڳالهيون لکو.
ڇو تہ ادب ۾ سڀ کان وڏي جدت سچ هوندي آهي.

تنقيد:

## پوڙها اديب ۽ پاروٿيون ڳالهيون!

خادم حسين جروار

ادب (Literature) هميشہ نواڻ (Neologism) چاهيندو آهي، جيڪو نوان خيال، نوان لاڙا ۽ نئين سوچ جي آجيان ڪندو آهي، ادب هميشہ نوَن ڳسن جو مُتلاَشِي هوندو آهي.

سنڌي ادب ويجهي ماضي(Recent Past) ۾ يقينن جدت (Innovation) کي وڏيڪ اهميت ڏني آهي، پر اجا بہ ڪِتي ڪِتي اُهي مُدي خارج ڳالهيون، خيال ۽ سوچون اسان کي پڙهڻ لاءِ ملن ٿيون.

ڪهاڻي ”فاتح مُرڪ“ جيڪا محمد علي پناڻ جي لکيل آهي، پر ڪهاڻي پنهنجي ڍانچي (Structure's) ۾ پوري ناهي، جيڪا ڪهاڻيءَ جي پاين تي زوري بيهارڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي، پر ڪهاڻيءَ جو پلاٽ (Plot) واضح ناهي، ڪهاڻيون تہ پلاٽ ليس بہ لکيون ويندڍيون آهن، پر هن ڪهاڻيءَ کي پلاٽ ليس ڪهاڻي بہ نٿو چئي سگهجي، ڪهاڻيءَ ۾ منظرنگاريءَ (Imagery) جي ڪوٽ آهي، جيڪا ڪهاڻيءَ کي چار چنڊ لڳائڻ سان گڏ ماحول کي واضح ڪندي آهي ۽ پڙهندڙ جي سامهون آئيني وانگر هڪڙو عڪس ناهيندي آهي، ڪهاڻيءَ جي ڪردارن ۾ پيءُ ۽ پُٽ آهن، جيڪي جيئرا انسان ناهن لڳندا، انهن جي نفسيات، احساس يا اندروني ٽڪراءُ جي ڪوٽ آهي، پڙهندڙ انهن سان جذباتي طور جُڙجي نٿو سگهي، ڪردار گُفتگو ڪن ٿا تہ:

”نہ پڙهندين نہ، سِڌو بُڌاءِ؟“

”نہ“

”ڳڏهہ چاريندين؟“

”ها، مامو خاڪُل جو چاريندو آ“

هاڻي اڄ جي جديد دؤر(Modern Era) ۾ اسان جا ليکڪ ڪردارن کان اهڙي گفتگو تا ڪرائين، اُهو ئي ساڳيو ”گڏهه“ وارو ڪردار اسان سان هلندو پيو اچي، اُهو ”گڏهه “سنڌي ادب مان ڪڏهن نڪرندو، اُن جي لاءِ ته ڪجهه چئي نه ٿو سگهجي.

سچي ڪهاڻي سوال جواب (Dialogue) تي ٻينل آهي، پر اُهي ڊائلاگ بہ فطري ناهن، جڻ ته سبق پڙهايو پيو وڃي، سني ڪهاڻي پڙهندڙ کي پاڻ سوچڻ تي مجبور ڪري ٿي، پر هتي ليکڪ پاڻ نتيجو ٻڌائي ڇڏي ٿو، جنهن ڪري اثر گهٽجي وڃي ٿو. ڪهاڻي ۾ تشبيهن (Similes) ۽ علامتن (Symbols)جي پڻ کوٽ آهي.

وري ننڍڙو ٻار ضد ٿو ڪري ته اسڪول تڏهن ويندس جڏهن مون کي نوان ڪپڙا وٺي ڏيندين، ٻار ته هميشہ ضد ۾ رانديڪا وٺندا آهن، پئسا وٺندا آهن ۽ ٻيون شيون وٺندا آهن، ڪهڙو ٻار آهي، جيڪو ضد ۾ ڪپڙا ٿو گهري، پيءُ جڏهن چئي ٿو ته فصل لهڻ تي ڪپڙا وٺي ڏيندس، ته ٻار کي ايترو بہ عقل آهي، جيڪو چئي ٿو ته فصل لهڻ تي پاڻ قرضي ٿي ويندا سين، پوءِ ڪيئن وٺنداسين،گفتگو ۾ بہ وڏو تضاد آهي.

ڪهاڻيءَ جي شروعات، وچ ۽ ڪلائيميڪس (Climax) جڻ ته آهي ئي ڪونہ، جيئن ڪهاڻي شروع ٿئي ٿي ۽ ختم ٿي وڃي ٿي، ڪلائيميڪس ڪهاڻيءَ جي جان هوندو آهي، اُن کان بہ هيءَ ڪهاڻي خالي آهي.

آخر ۾ ”فاتح مُرڪ“ جو تصور اَچي ٿو، پر اُهو نہ تہ ڌماڪيدار آهي، نہ ئي يادگار، ڪهاڻي پڙهڻ کان پوءِ ڪو بہ گهرو اثر يا حيرت پيدا نہ ٿي ٿئي، جيڪا هڪ سُني ڪهاڻي جي سڃاڻپ هوندي آهي.

محمد علي پناڻ جون گهٽيون ڪهاڻيون مون ناهن پڙهيون، پر جيڪي نظر مان گُذريون آهن، اُهي مون کي الائي ڇو رَدي لڳنديون

آهن، ڪتابن ۽ رسالن ۾ جيڪا جڳهه والاريندي آهن، اُتي منهنجي دِل چئي ٿي ته ٻيون ڪي جاندار ڪهاڻيون هئڻ گهرجن ها.

سنڌي ادب ۾ ڪهاڻين جي نالي تي جيڪي تحريرون لکيون وڃن ٿيون، اُهي ڪهاڻيءَ جي نالي تي هڪڙو ”ڪارو تئو“ هونديون آهن، جيڪي سنڌي ڪهاڻيءَ جي ”مُنهن“ کي ڪارو ڪري ڇڏينديون آهن، دنيا جي ادب ۾ ڪهاڻيءَ کي جيڪو مقام حاصل آهي، اُهو ناول کان پوءِ ٻيو نمبر آهي.

اُن مان منهنجي مُراد اُها ناهي ته سنڌي ڪهاڻيون سڀ خالي تحريرون آهن، پر اوهان ڏِسو علي بابا جي ڪهاڻي ”چنڊ ۽ ماني“، نسيم کرل جي ڪهاڻي ”چوٽيهون در“، جمال ابڙو جي ڪهاڻي ”خميسي جو ڪوٽ“، رحمت الله ماجوئيءَ جي ڪهاڻي ”ڪِني مڇي“ محمود مغل جي ڪهاڻي”هتن جو ڇُهاءُ رهجي ويو آهي“، امر جليل جي ڪهاڻي ”منهنجو ڏس آسمان کان پُڇو“، نورالهديٰ شاهه جي ڪهاڻي ”پاروٿو گوشت“ يا ٻيون سَوين ڪهاڻيون آهن، جيڪي نه رُڳو پنهنجي گهاڙيٽي ۾ پوريون آهن، پر منظرنگاري، ڪردار نگاري، پلاٽ، عنوان، موضوع، ٻوليءَ ۽ ڪلائيميڪس ۾ جاندار ڪهاڻيون آهن.

سنڌي ادب ۾ نواڻ (Neologism) جي تمام گهٽي ڪوٽ رهي آهي، پر اُن پاسي هاڻي ڪجهه نه ڪجهه ڪم ٿي رهيو آهي، پر اهڙن مُدي خارج خيالن کان هاڻي اسان کي مٿانهون هئڻ گهرجي، سنڌي اديبن، ليکڪن ۽ شاعرن کي گهرجي ته هُو جدت جي بُلندين کي ڇُهندي پنهنجا نوان ۽ تازا خيال نوجوانن تائين پُهچائين، ته جيئن ڪچڙا ذهن ڪُجهه پرائي سگهن.

## فاتح مرڪ ... (ڪهاڻي) محمد علي پناڻ

### خادم حسين جروار جي تنقيد جو ادبي جائزو

جنيد فاروقي

سنڌي ادب جي ميدان ۾ تنقيد هميشه تخليق جي ساٿياڻي رهي آهي. جتي تخليقڪار پنهنجو احساس، مشاهدو ۽ فڪر لفظن ۾ اوتيندو آهي، اتي نقاد اُن تخليق کي پرکيندي نوان در کولڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. پر تنقيد تڏهن ئي پنهنجي اصل روح کي ماڻي ٿي، جڏهن اها توازن، بصيرت ۽ وسعتِ نظر سان سرشار هجي، نه ڪِي صرف رد ڪرڻ يا رد ڪرڻ جي لهجي ۾ قاتل هجي.

محمد علي پناڻ جي ڪهاڻي "فاتح مُرڪ" به اهڙي ئي هڪ تخليق آهي، جيڪا پنهنجي سادگيءَ ۾ هڪ گهري معنويت سمايو ويٺي آهي. هن ڪهاڻيءَ تي ڪيل تنقيد ۾ ڪجهه اهم سوال ضرور اٿاريا ويا آهن، پر انهن کي هڪ نئين زاويي سان ڏسڻ جي به ضرورت آهي.

هي بحث اصل ۾ ٻن سطحن تي هلندڙ آهي:

(1) ڪهاڻي "فاتح مرڪ" جو ادبي قدر

(2) خادم حسين جروار جي تنقيد جو وزن ۽ انصاف

ڪهاڻي: پلاٽ نه، پر پَلَ جو احساس

"فاتح مرڪ" کي جيڪڏهن روايتي ڪهاڻيءَ جي ڪسوٽي تي پرکبو ته يقيناً پلاٽ، ڪلائيميڪس ۽ منظرنگاريءَ جي کوٽ محسوس ٿيندي. پر سوال اهو آهي ته ڇا هر ڪهاڻي لازمي طور تي انهن روايتي ڍانچن جي پابند آهي؟

### 1. ڪهاڻيءَ جو اصل مزاج (Understanding the Story)

محمد علي پناڻ جي ڪهاڻي بنيادي طور تي هڪ مختصر، علامتي ۽ جذباتي اسڪيچ (Sketch Story) آهي، جنهن ۾:

- مرڪزي موضوع:

غربت، تعليم جي اهميت، ۽ پيءُ جي بيبسي

- ڪردار:

صرف پيءُ ۽ پٽ

- انداز:

ڊائلاگ بيسڊ (Dialogue-based minimalist narration)

هي ڪا روايتي ڊگهي پلاٽ واري ڪهاڻي نہ آهي، پر وڌيڪ: ”مائڪرو فڪشن“ يا ”مختصر علامتي ڪهاڻي“ جي ويجهو لڳي ٿي.

هي ڪهاڻي دراصل هڪ ”پَلَ“ کي پڪڙڻ جي ڪوشش آهي... اهو پَلُ، جتي هڪ پيءُ جي بيبَسي، هڪ ٻار جي معصوميت ۽ هڪ گهر جي غربت هڪ ئي ”لمحي“ ۾ گڏ ٿي وڃن ٿا. جديد ادب ۾ اهڙيون تخليقون ”مائڪرو فڪشن“ يا ”اسڪيچ ڪهاڻيون“ سڏجن ٿيون، جتي پلاٽ کان وڌيڪ احساس جي شدت اهميت رکي ٿي.

## 2. خادم حسين جروار جي تنقيد ـــ ڪيتري حد تائين درست؟

جيڪي نقطا درست آهن:

1. پلاٽ ۽ ڍانچي بابت اعتراض

جروار جو چوڻ آهي تہ: ”ڪهاڻيءَ جو واضح پلاٽ، شروعات، وچ ۽ ڪلائيميڪس ناهي.“ جزوي طور درست آهي، چو تہ:

- روايتي ڪهاڻيءَ جي معيار موجب اهو ڪمزور آهي
- پر جديد ادب ۾ ”Plot less“ يا ”Slice of Life“ بہ هڪ قبوليل انداز آهي.

تنهنڪري هي هڪ نقص ٿي سگهي ٿو پرمڪمل ناڪامي نہ.

## 2. ڪردار نگاري جي ڪوٽ

ڪهاڻيءَ ۾ صرف ٻه ڪردار آهن، پيءُ ۽ پُٽ. انهن ڪردارن جي گهراين کي ڏکهي بيانن سان نہ، پر مختصر جملي ۽ جذباتي لمحي سان پيش ڪيو ويو آهي، جيڪو جديد ڪهاڻيءَ جو هڪ اهم فني طريقو آهي.

### پيءُ ۽ پٽ جي نفسيات گهري ناهي ڇو تہ:

- ڪردار گهٽا layered نہ آهن.
- انهن جي نفسياتي گهرائي (Psychological depth)گهٽ آهي
- سندن اندروني ٽڪراءُ يا ذهني ڪيفيت تفصيل سان سامهون نٿي اچي.

پر ننيڙي ڪهاڻي ۾ اڪثر ”symbolic characters“ تيندا آهن.

پيءُ = جدوجهد

پٽ = معصوميت + شعور

## 3. ڊائلاگ غير فطري هجڻ ۽ ڪٿي ڪٿي نهڪندڙ نہ هجڻ

ڪهاڻيءَ جو وڏو حصو ڊائلاگ تي ٻينل هجڻ بيشڪ هڪ فني جرئت آهي، ڇو تہ اهڙي انداز ۾ ليکڪ کي بيان کان وڌيڪ گفتگو وسيلي ڪهاڻي اڳتي وڌائڻي پوي ٿي. ”فاتح مرڪ“ ۾ بہ سوال جواب تي ٻڌل اسلوب اختيار ڪيو ويو آهي، جيڪو پنهنجي جاءِ تي اثرائتو تي سگهي ٿو، پر ڪٿي ڪٿي اهو احساس ضرور پيدا ٿئي ٿو تہ ڪجهہ جملا بي ساختگيءَ بدران ”سبق جهڙا“ لڳن ٿا، جنهن سان گفتگو جي فطري رواني ڪجهہ حد تائين متاثر ٿئي ٿي. جيڪڏهن انهن ڊائلاگن ۾ وڌيڪ سادگي، لهجي جي لچڪ ۽ روزمره واري بي تڪلفي شامل هجي ها، تہ ڪهاڻيءَ جو اثر وڌيڪ گهرو ٿي سگهي ها.

ساڳئي وقت، انهن ڊائلاگن کي مڪمل طور ”غير فطري“ قرار ڏيڻ بہ مناسب نہ ٿو لڳي. جيڪڏهن ڳوٺاڻن سماجي پسمنظر کي نظر ۾ رکجي، تہ اهڙي ڳالهہ ٻولهہ نہ رڳو ممڪن آهي، پر

عام زندگيءَ جو حصو پڻ آهي. ڳوٺ جي ماحول ۾ سوال جواب واري سادي ۽ سڌي گفتگو هڪ فطري طرزِ اظهار آهي، جتي لفظن کان وڌيڪ حالتن جي سچائي ڳالهائيندي آهي.
”گڏهه چارڻ“ جهڙو حوالو بہ ڪنهن مصنوعي تخيل جو نتيجو نہ، پر سماجي حقيقت جو عڪس آهي، جيڪو ڪيترن ئي خاندانن جي روزمره جي تجربي سان ڳنڍيل آهي.

ان ڪري، هتي هڪ متوازن راءِ اها ٿي سگهي ٿي تہ ڪهاڻيءَ جا ڊائلاگ فني لحاظ کان وڌيڪ رواني ۽ بي ساختگي جا طلبگار ضرور آهن، پر انهن کي مڪمل طور غير فطري قرار ڏيڻ حقيقت پسنديءَ سان انصاف نہ ٿيندو. جديديت جي تقاضائن کي مجيندي بہ، اهو وسارڻ نہ گهرجي تہ ادب جو هڪ اهم فرض زندگيءَ جي سچن منظرن کي پيش ڪرڻ بہ آهي ۽ اهي منظر هميشہ نفيس يا نهيل لهجن ۾ ظاهر ناهن ٿيندا.

## منظرنگاريءَ جي کوٽ

ڪهاڻي پڙهندي:

- ماحول، جاءِ يا وقت جي واضح تصوير سامهون نٿي اچي
- ڪو اهڙو بصري منظر (Visual Imagery) موجود ناهي، جيڪو پڙهندڙ کي ڪهاڻيءَ اندر وني وڃي

نتيجي طور، ڪهاڻي جو اثر ”ذهني“ رهجي وڃي ٿو، پر ”حسي“ نہ بڻجي سگهي ٿو.

## 4. تضاد (ٻار جي ڳالهہ)

تنقيد ۾ ٻار جي ”نئين ڪپڙن“ واري خواهش تي اعتراض ڪيو ويو آهي، پر هي اعتراض حقيقت کان پري لڳي ٿو.
ٻار ڪپڙا ڇو ٿو گهري؟ رانديڪا ڇو نہ؟

هي اعتراض ڪمزور آهي

ڇو تہ:

غريب ٻار لاءِ ”نوان ڪپڙا“ ئي سڀ کان وڏي خواهش هوندي آهي.

اهو هڪ طاقتور سماجي ۽ حقيقت تي ٻڌل سچ آهي. هتي ليکڪ حقيقت کي چڱي طرح پڪڙيو آهي.

## 3. تنقيد جتي غير منصفاڻي ٿي وڃي ٿي:

### 1. پوڙها اديب ۽ پاروٿيون ڳالهيون!

جهڙو عنوان پهرين نظر ۾ ڌيان ڇڪائيندڙ ضرور آهي، پر ادبي تنقيد جي وقار، سنجيدگي ۽ توازن جي لحاظ کان اهو مناسب محسوس نٿو ٿئي. تنقيد جو بنيادي اصول اهو آهي ته اِها خيالن ۽ تخليق تي ڳالهائي، نه ڪِي عُمر يا شَخصيت تي اشارا ڪري.

”پوڙها اديب“ جهڙو لفظي استعمال هڪ قسم جي عمري تعصب (Age Bias) جو تاثر ڏئي ٿو، جيڪو ادبي فضا ۾ احترام ۽ مڪالمه جي روايت کي ڪمزور ڪري سگهي ٿو. ادب ۾ تجربي ۽ عمر کي هميشه سرمايو سمجهيو ويو آهي، نه ڪي تنقيد جو نشانو.

ساڳئي طرح ”پاروٿيون ڳالهيون“ جهڙو اصطلاح پڻ هڪ حتمي ۽ رد ڪندڙ لهجو اختيار ڪري ٿو، جنهن ۾ وضاحت کان وڌيڪ ترديد جو رنگ غالب آهي. تنقيد جو اصل حُسن ته اُن ۾ آهي جو اها دليل، مثال ۽ تجزئي ذريعي پنهنجي ڳالهه پيش ڪري، نه ڪي اهڙي زبان سان، جيڪا اڳواٽ ئي فيصلي جو تاثر ڏئي ڇڏي.

هڪ متوازن ۽ علمي تنقيد لاءِ عنوان به اهڙو هجڻ گهرجي، جيڪو:

- موضوع جي سنجيدگيءَ سان هم آهنگ هجي،
- اختلافِ راءِ کي مهذب انداز ۾ پيش ڪري،
- ۽ پڙهندڙ کي سُوچڻ تي آماده ڪري، نه ڪي ڪنهن ٻئي طرف مائل ڪرڻ تي مجبور ڪري.

ان لحاظ سان، هي عنوان پنهنجي شدت ۽ جذباتي لهجي سبب ادبي تنقيد جي اُن روايت سان نهڪندڙ نظر نٿو اچي، جيڪا احترام، دليل ۽ فڪري وسعت تي بيٺل آهي.

ادب ۾ لفظ صرف خيال جو اظهار ناهن هوندا، پر روين جا عڪس به هوندا آهن... ۽ تنقيد ۾ اهو عڪس وڌيڪ صاف ۽ سنجيده هئڻ گهرجي.

## 2. ”ردي“ جهڙا لفظ

”ڪهاڻيون ردي لڳنديون آهن؟“

هي ادبي تنقيد نه، پر:

ذاتي راءِ + سخت لهجو

سنجيده تنقيد ۾:

- دليل هوندو آهي.
- احترام هوندو آهي.

## 3. ”ڪارو ٽئو“ جهڙي تشبيهه

تنقيد جو ميدان فڪر، دليل ۽ توازن جو ميدان هوندو آهي، جتي لفظن جي چونڊ صرف اظهار جو وسيلو نه، پر علمي سنجيدگيءَ جو معيار پڻ بڻجي ٿي. اهڙي پسمنظر ۾ ”ڪارو ٽئو“ جهڙي تشبيهه جو استعمال، پنهنجي شدت ۽ جذباتي رنگ سبب ادبي تنقيد جي شائسته روايت سان هم آهنگ نظر نٿو اچي.

هي تشبيهه پنهنجي نوعيت ۾ مبالغاتي (Exaggerative) ۽ قدرِ تحقير سان ويجهي لڳي ٿي، جيڪا تخليق جي فني پرک بدران ان کي رد ڪرڻ جو تاثر پيدا ڪري ٿي. جڏهن تنقيد اهڙي لهجي اختيار ڪري ٿي، تڏهن اها دليل جي قوت کان وڌيڪ جذبات جي شدت تي بيٺل محسوس ٿئي ٿي ۽ اِهو رَويو عِلمي تنقيد جي وقار کي ڪمزور ڪري سگهي ٿو.

ادبي تنقيد جو حسن ان ۾ آهي ته اها:

- خامين جي نشاندهي به ڪري، پر مهذب ۽ مدلل انداز ۾
- اختلاف به رکي، پر احترام جي دائري اندر
- ۽ رد به ڪري، پر اهڙي زبان سان جيڪا فڪر کي اڳتي وڌائي، نه ڪي در بند ڪري.

”ڪارو ٽئو“ جهڙي تشبيهه پڙهندڙ جي ذهن ۾ فوري طور هڪ

منفي ۽ حتمي تاثر پيدا ڪري ٿي، جنهن سان تخليق جي گهرا تجزيي جا در ڪُلڻ بدران بند ٿي وڃن ٿا. اهڙي زبان، تنقيد کي سنجيده علمي گفتگو بدران جَذباتي ردِ عَمل جي صورت ڏئي سگهي ٿي. ان ڪري، ادبي تنقيد ۾ اهڙي شدت واري استعارن کان پاسو ڪندي، وڌيڪ متوازن، وضاحتي ۽ دليل تي ٻڌل لهجو اختيار ڪرڻ ئي اصل رويو آهي، جيڪو ادب جي روح ۽ تنقيد جي اصل مقصد سان وڌيڪ مطابقت رکي ٿو.

چو ته تنقيد جو ڪم صرف فيصلو ٻڌائڻ نه، پر سمجهڻ ۽ سمجهائڻ جو سفر هموار ڪرڻ آهي.

## 4. جديديت جو سوال: وضاحت جي ضرورت

ادب ۾ نواڻ جي گهرج کان انڪار ممڪن ناهي، هر دؤر پنهنجي نون فڪري افقن ۽ تخليقي لاڙن کي جنم ڏيندو رهيو آهي. پر هتي هڪ اهم سوال جنم وٺي ٿو:

اها نواڻ آخر ڪهڙي آهي، جنهن جو حوالو ڏنو پيو وڃي؟

محترم خادم حسين جروار صاحب کان هيءُ گذارش آهي ته جنهن ”جدت“ يا ”نواڻ“ کي معيار ٻڌايو ويو آهي، ان جي ڪا واضح صورت يا مثال به پيش ڪيو وڃي، ته جيئن ڳالهه وڌيڪ مدلل ۽ بامعني ٿِجي سگهي. ڇا نواڻ صرف موضوع جي تبديليءَ جو نالو آهي؟ يا اظهار جي نئين انداز ؟ يا نئين فني ترتيب ۽ نئين فڪري زاويي جو؟

اهو به سمجهڻ گهرجي ته ادب ۾ هر سادو يا روايتي موضوع لازمي طور رد ڪرڻ جهڙو ناهي هوندو. ڏک، مَحرومِي، بيَبَسي, اِهي احساس نه ڪڏهن پراڻا ٿيا آهن، نه ٿيندا. اِهي هر دؤر، هر سماج ۽ هر دل ۾ نئين صورت سان جنم وٺندا رهن ٿا. جيڪڏهن انهن موضوعن کي ”پاروٿو“ قرار ڏجي، ته پوءِ انساني ادب جو وڏو حصو ئي سوال هيٺ اچي وڃي ٿو.

تنقيد جو حسن ان ۾ آهي ته اها صرف رد ڪرڻ تائين محدود نه

رهي، پر رهنمائي به ڏئي. جيڪڏهن ڪنهن ڪهاڻيءَ جي فني بناوت (Structure) ڪي ڪمزور چيو وڃي ٿو، ته پوءِ اهو به ٻڌائڻ ضروري آهي ته:

اهو ”پڪو“ يا ”مڪمل“ فارميٽ ڪهڙو آهي؟
۽ ڪهڙن اصولن تحت ڪنهن ڪهاڻيءَ کي فني طور مڪمل يا نامڪمل قرار ڏنو وڃي ٿو؟

ادب ۾ اختلافِ راءِ هڪ مثبت عمل آهي، پر اهو تڏهن وڌيڪ اثرائتو بڻجي ٿو، جڏهن ان سان گڏ دليل، مثال ۽ وضاحت به شامل هجي. ڇو ته تنقيد جو مقصد صرف سوال اٿارڻ نه، پر انهن سوالن کي سمجهڻ لاءِ رستو به هموار ڪرڻ هوندو آهي.

### 4. ڪهاڻيءَ جون اصل خوبيون (جيڪي جرور نظرانداز ڪيون)

هاڻي جيڪڏهن انصاف سان ڏسجي ته ڪهاڻي جون ڪجهه اهم خوبيون به آهن، جيڪي ان کي يادگار بڻائن ٿيون:

1. جذباتي اثر

- آخري منظر (پيءُ جا ڳوڙها + مرڪ) تمام اثرائتو آهي.

ڪهاڻيءَ جي آخر ۾ پيءُ جي اکين ۾ ڳوڙها ۽ چپن تي جيڪا مُرڪ اچي ٿي. اِها ئي ”فاتح مُرڪ“ آهي ...

2. علامتي ”فاتح مرڪ“

- مُرڪ = اميد + قرباني + محبت

ننڍي ڪهاڻيءَ جو اصل ڪلائيميڪس اهو ئي آهي. هڪ اهڙي مرڪ، جيڪا ڪنهن جنگ کٽڻ جي نه، پر پنهنجي اولاد جي خواهش اڳيان جهڪڻ جي فتح آهي.

3. سماجي حقيقت

- غربت
- تعليم جي کوٽ
- زميندارِي نظام جو دٻاءُ

غربت، تعليم جي اهميت ۽ معاشي بيبسي، اهي سڀ موضوع سادگيءَ سان پيش ڪيا ويا آهن. هي ڪلائيميڪس ڌماڪيدار نه سهي، پر انتهائي

اثرائتو آهي، جو تہ هي سڀ اصل مسئلا آهن، جيڪي پراڻو موضوع هجڻ باوجود اڄ بہ زنده آهن.

## 5. حتمي نتيجو (Balanced Verdict)

خادم حسين جروار جي تنقيد:

---

**30% مڪمل درست 30% جزوي درست 40% غير منصفاڻي / جذباتي**

---

خادم حسين جروار جي تنقيد ۾ ڪهاڻيءَ جي ڪيترين ئي ڪمزورين جي نشاندهي ضرور ڪئي وئي آهي، جيڪا پنهنجي جاءِ تي اهم آهي. پر تنقيد جو لهجو جتي سخت ٿي وڃي ٿو، اتي ان جي عِلمي وزن ۾ گهٽتائي اچي ٿي.

ادب ۾ نہ هر تخليق شاهڪار هوندي آهي، نہ هر تنقيد مڪمل سچ. اصل حسن ان ۾ آهي تہ:

- تخليق کي سمجهي،
- ان جون خوبيون مڃي،
- ۽ ان جي فني اوڻاين کي بہ سچائي ۽ ايمانداريءَ سان سامهون آنديون وڃن.

### آخري راءِ

هي ڪهاڻي شايد فن جي سيني ڳهرجن تي پوري نہ لهي، پر دل جي هڪ سچي ڌڙڪن کي ضرور پڪڙي ٿي ۽ ڪڏهن ڪڏهن ادب لاءِ ايترو ئي ڪافي هوندو آهي. ”فاتح مرڪ“ بہ اهڙي ئي هڪ ڪهاڻي آهي جيڪا لفظن کان وڌيڪ، ماٺ ۾ ڳالهائي ٿي. ۽ شايد... اها ئي ان جي سڀ کان وڏي فتح آهي.

### ۽ جروار جي تنقيد:

”علمي نقطن سان گڏ ذاتي سختي ۽ جديديت جي هڪ طرفي سوچ جو شڪار لڳي ٿي.“

”**فاتح مرڪ**“ ادھوري ڪھاڻي، مڪمل احساس
جوابي تنقيدي مضمون ـ جنيد فاروقي

ادب جڏھن لفظن مان نڪري احساس بڻجي وڃي ٿو، تڏھن تنقيد بہ رڳو عقل جو عمل نہ رھندي آھي، پر دل جي ڌڙڪن سان جُڙجي پوندي آھي. اھڙي ئي ھڪ نازڪ سرحد تي بيٺل آھي محمد علي پناڻ جي ڪھاڻي ”فاتح مرڪ“.

سنڌي ادب ۾ تنقيد ۽ تخليق جو رشتو ھڪ اھڙو آئينو آھي، جنھن ۾ نہ صرف خوبصورتي پر اوڻايون بہ چٽي نموني نظر اچن ٿيون، جتي تخليقڪار پنھنجو احساس، مشاھدو ۽ فڪر لفظن ۾ اوتيندو آھي، اتي نقاد اُن تخليق کي پرکيندي نوان در کولڻ جي ڪوشش ڪندو آھي. پر تنقيد تڏھن ئي پنھنجي اصل روح کي ماڻي ٿي، جڏھن اھا توازن، بصيرت ۽ وسعتِ نظر سان سرشار ھجي، نہ کي صرف رد ڪرڻ يا رد ڪرڻ جي لھجي ۾ قائل ھجي.

ھي ڪھاڻي ڪا وڏي داستان نہ آھي، نہ ئي ڪنھن پيچيده پلاٽ جي مالڪ آھي: اھا تہ ڄڻ ڪنھن شام جي ٿڌڙي ھوا ۾ اُيرندڙ ھڪ آھ آھي.... ھلڪي، پر دل جي گھراين تائين لھندڙ.... پر ساڳئي وقت، ان آھ ۾ ڪجھ اڻپورا سُر بہ آھن، جيڪي ٻڌڻ واري کي اڌ ۾ ڇڏي وڃن ٿا....!!

ھن ڪھاڻيءَ تي ڪيل تنقيد ۾ ڪجھ اھم سوال ضرور اٿاريا ويا آھن، پر انھن کي ھڪ نئين زاويي سان ڏسڻ جي بہ ضرورت آھي.

”فاتح مرڪ“ کي جيڪڏھن روايتي ڪھاڻيءَ جي ڪسوٽي تي پرکبو تہ يقيناً پلاٽ، ڪلائيميڪس ۽ منظرنگاريءَ جي ڪوت

محسوس ٿيندي. پر سوال اهو آهي تہ ڇا هر ڪهاڻي لازمي طور تي انهن روايتي ڍانچن جي پابند آهي؟

جديد ادب ۾ اهڙيون تخليقون ”مائڪرو فڪشن“ يا ”اسڪيچ ڪهاڻيون“ سڏجن ٿيون، جتي پلاٽ کان وڌيڪ اِحساس جي شِدت اهميت رکي ٿي.

هي ڪهاڻي ڪنهن وڏي پلاٽ يا پيچيده ڍانچي تي نہ بيٺل آهي، بلڪ هڪ مختصر ”لَمحِي/ پَلَ“ کي پڪڙڻ جي ڪوشش آهي. اِهو لَمحو، جتي هڪ پِيءُ جي بِيبَسي ۽ هڪ ٻَار جي معصومِيت هڪ ٻئي سان ٽڪرائن ٿا.

پر هتي اهو بہ مڃڻو پوندو تہ: ڪهاڻيءَ ۾ واضح شروعات، وچ ۽ انجام جي روايتي ترتيب موجود نہ آهي. پڙهندڙ کي ڪنهن مضبوط ”بياني وهڪري“ (Narrative flow) جو احساس گهٽ ملي ٿو. جيتوڻيڪ جديد ڪهاڻين ۾ پلاٽ جي غير موجودگي ڪا وڏي خامي نہ آهي، پر ”فاتح مُرڪ“ ۾: پلاٽ ايترو ڏنڌلو آهي جو ڪهاڻي ”اسڪيچ“ بڻجي وڃي ٿي. ڪلائيميڪس جي تياري (Build-up) ڪمزور آهي. نتيجي طور، اثر تہ پيدا ٿئي ٿو، پر اهو گِهرو ۽ ڏگهو نٿو رهي.

ڪهاڻيءَ ۾ صرف ٻہ ڪردار آهن: پيءُ ۽ پُٽ. تنقيد ۾ چيو ويو آهي تہ اهي ”جيئرا“ ناهن لڳندا، پر حقيقت ۾ اُهي ٻئي ڪردار ڪنهن هڪ فرد جا نمائندا ناهن، بلڪ:

پيءُ: سنڌ جي هر اُن مزدور، هاري ۽ مجبور انسان جو استعارو آهي.

پٽ: اُن معصوم نسل جو، جيڪو غربت جي باوجود خواب ڏسڻ نٿو ڇڏي.

انهن ڪردارن جي گهراين کي ڊگهي بيانن سان نہ، پر مختصر جملي

۾ جذباتي لمحي سان پيش ڪيو ويو آهي، جيڪو جديد ڪهاڻيءَ جو هڪ اهم فني طريقو آهي. ڪهاڻيءَ جو وڏو حصو سوال جواب تي ٻڌل آهي، جنهن کي غير فطري قرار ڏنو ويو آهي. پر جيڪڏهن ڳوناڻن حالتن کي سامهون رکجي ته اهڙي گفتگو نه رڳو فطري آهي، پر روزمره جي زندگيءَ جو حصو پڻ آهي.

"گڏهه چاريندين؟" جهڙو جملو صرف هڪ ڊائلاگ ناهي، پر هڪ سماجي حقيقت جو عڪس آهي.... اهو سوال جيڪو غربت هر ٻار کان پڇندي رهي ٿي:

تعليم يا محنت مزدوري؟

تنقيد ۾ ٻار جي "نئين ڪپڙن" واري خواهش تي اعتراض ڪيو ويو آهي، پر هي اعتراض حقيقت کان پري لڳي ٿو. هڪ غريب ٻار لاءِ نوان ڪپڙا ئي سڀ کان وڏي خوشي هوندي آهي. هتي "لٽا" صرف لباس ناهن، پر:

- عزت جو احساس
- خوشيءَ جي خواهش
- ۽ هڪ ننڍڙي خواب جي علامت آهن.

ڪهاڻيءَ جي آخر ۾ پيءُ جي اکين ۾ ڳوڙها ۽ چپن تي مُرڪ اچي ٿي. اها ئي "فاتح مرڪ" آهي... هڪ اهڙي مُرڪ، جيڪا ڪنهن جنگ کٽڻ جي نه، پر پنهنجي اولاد جي خواهش اڳيان جهڪڻ جي فتح آهي. هي ڪلائيميڪس ڏماڪيدار نه سهي، پر انتهائي اثرائتو آهي، ڇو ته اهو پڙهندڙ جي دل ۾ آهستي آهستي لهي وڃي ٿو.

ادبي تنقيد جو مقصد رڳو خاميون ڳولڻ نه، پر تخليق کي سمجهڻ ۽ ان جي قدر کي اجاگر ڪرڻ پڻ آهي. جڏهن تنقيد ۾ "ردي" يا "ڪارو تئو" جهڙا لفظ استعمال ٿين ٿا، ته اها تنقيد پنهنجي علمي وقار کان محروم ٿي وڃي ٿي. ادب ۾ اختلاف راءِ هڪ خوبصورتي آهي، پر ان

اختلاف ۾ احترام ۽ دليل جو هجڻ لازمي آهي.

“فاتح مرڪ” ڪا مڪمل يا شاهڪار ڪهاڻي نہ سَهي، پر اِها هڪ سچي ۽ اثرائتي ڪوشش آهي، جيڪا پنهنجي سادگيءَ سان پڙهندڙ جي دل کي ڇهڻ جي صلاحيت رکي ٿي.

ڪڏهن ڪڏهن وڏيون ڳالهيون وڏن لفظن سان نہ، پر ننڍن جملن ۽ خاموش لمحن سان بہ چئي سگهجن ٿيون. ۽ “فاتح مرڪ” بہ اهڙي ئي هڪ خاموش، پر گهري آواز رکندڙ ڪهاڻي آهي.

## شنڪر پيل

توهان جي تنقيد پڻ اٽپوري آهي صاحب، توهان جنهن ڪي جدت يا نواڻ چئو ٿا اها ڪهڙي آهي ان جو ڪو مثال بہ ڏيو، جنهن شيءِ ڪي توهان آساني رد ڪريو ٿا ان لاءِ مدلل انداز اختيار ڪريو... ڏک جو اظهار پاروٿو ڪڏهن ڪان ٿيو آهي... محرومي هر موسم ۾ ساڳي ئي هوندي آهي... ٽيڪنيڪلي ذڪر ڪيل ڪهاڻي جو فارميٽ ڪَسو آهي تہ پَڪو ڪيئن هجي اهو پڻ ٻڌايو نہ!!

## عبدالله جروار

محمد علي پٺاڻ جو هونئن ئي تارو ڪڙيل آهي. مضمون ۾ جنهن سنڌي ڪهاڻي جي خواهش رکو پيا. ان جو ڪو مثال بہ ڏيو نون ليکڪن جي ڪا هڪ اڌ ڪهاڻي ڳڻايو ها تہ هي بهتر ڪهاڻي آهي، هن وانگر سنڌي ادب ۾ نواڻ هئڻ گهرجي. ان حالي سان مضمون وري بہ اٽپورو آهي. بهرحال اميد چڱي رکجي.

## ڄام جمالي

سنڌ ۾هينئر تعليم ۾ پوئتي رهجي وئي اهي، جنهن لاء تعليم جي وزير سردار شاھ صاحب چيو هو تہ سنڌ سرڪار ارڙهن لک ٻارن جي تعليم جو بندوبست نٿي ڪري سگهي.

هينئر سنڌ ۾ تعليم جي محروميء غربت ٻئي راڄ ڪن پيون، والدين پريشان آهن، وري جي ٻار نہ پڙهي تہ والدين لاء اُن ڪان وڌيڪ ڪهڙي تباهي ٿيندي. اولاد جي تعليم جو اونو فقط باشعور غريب والدين ئي محسوس ڪري سگهن ٿا، نڪي اُهي ماڻهو جيڪي فقط ڪهاڻي جي structure ابهام جا قائل آهن.

محمد علي ٻهراڙي جي ماحول، ماڻهن، انهن جي اهنجن ڪان

واقف آهي.

هن هي ڪهاڻي ،ڪهاڻيڪارن ڪان داد لاءِ نہ لکي آهي، پر هن عام زبان ۾ عام ماڻهوءَ عام ٻار لاءِ لکي آهي، جنهن ۾ واضع پيغام آهي، هن قسم جي تخليق کي Flash Fiction چئبو آهي، جيڪو عوامي سجاڳي جو سڏ ليکبي آهي. ڪا بہ تخليق ردي جي ٽوڪري لاء نہ هوندي آهي.

هن ڪهاڻي جو , climax والد لاءِ وڏي فتح ۽ وڏي عيد ڪان گهٽ نہ آهي، ٻار جو وچن ڪري دلچسپي سان پڙهڻ ۽ منزل طرف وڌڻ، ابي امڙ لاءِ اها خوشي هوندي جنهن جو لفظ اظهار نٿا ڪري سگهن.

When a child vows to take in studies interest,
From all parental pleasures they find it the best!

## مٺل جسڪاڻي

ڪهاڻي تي لکي سگهان ٿو، پر ان ڪهاڻي تي هن راءِ جي عنوان ۽ مجموعي راءِ تي لکڻ جو جواب هن راءِ ڪان وڌيڪ ادبي ٿي پيو، ته...

ماٺ ڀلي آهي...

## مور مغيري

سائين محمد علي پناڻ، سنڌي ٻوليءَ جو نامور ڪهاڻيڪار آهي. جنهن هن ننڍڙي ڪهاڻيءِ ۾ ڪيڏي گهرائي رکي آهي. پيءِ جي پٽ سان محبت ۽ پٽ جي پيءِ سان محبت، غربت جو احساس ۽ تعليم جي اهميت. نهايت شاندار ڪهاڻي، نهايت شاندار. ڪهاڻي پاڻ تہ هڪڙي صفحي جي مس آهي پر ڪهاڻيءِ تي لکبو تہ ڪيترائي صفحا ڀرجي ويندا.

**آفاق احمد آفاق (اسد علي)**

”ٻار ضد ۾ رانديڪا يا پئسا گهرندو آهي ڪهڙو ٻار آ جيڪو ڪپڙا ڻو گهري؟“
ان اعتراض جو سبب سمجهه ڪان ٻاهر آهي... مطلب اهو طئي آهي تہ ڪو بہ ٻار ڪڏهن بہ ڪپڙا نہ ڻو گهري سگهي؟ دنيا جا سڀ ٻار هڪٻئي جي فوٽو ڪاپي آهن ڇا؟ جنهن ٻار وٽ جنهن شيءِ جي گهٽي قدر ڪوٺ هوندي آ اهو هميشه اهائي گهرندو آ... رانديڪا ۽ شيءِ لاءِ پئسا تہ غريب پيءُ بہ ٻارن کي ٿورا گهڻا ڏيندو ئي آهي پر ڪپڙا رانديڪن جيترن پئسن ۾ نه ايندا آهن... ڪهاڻي جو منظرنامو توڙي جو پٺ تي پيل ماحول جو آهي پوءِ به پيغام تہ اثرائتو آهي.

**امير سلطان**

اسان وٽ لڪڻي کي نہ وڏي يا ننڍي نالي کي ڏنو ويندو آهي ڪا ردي ۾ اڇلڻ جهڙي لڪڻي جي مٿان لکي ڇڏيو امر جليل تہ ماڻهو واهہ واهہ ڪندا پلاٽ ڪلائيمڪس وغيره جي تعريف ۾ زمين آسمان هڪ ڪري ڇڏيندا وري اُها ئي ساڳي لکڻي تو ۽ مون جهڙي جي نالي سان ڇپجي تہ نقاد اصل چوڏا لاهي ڇڏيندا.

**منل جسڪاڻي**

”پوڙها اديب ۽ پاروٽيون ڳالهيون“ عنوان مان ئي اندازو ٿيو تہ تنقيد جي وصف ۽ صنف جي اصولن کان واقف قلمڪار جي تحرير آهي.

**پروفيسر نويد سنديلو**

ٻارَ نَوَنِ ڪپڙن جي شديد خواهش رکندا آهن. رڳو جروار جهڙا

ٻارَ رانديڪن لاءِ روئندا ۽ اديبن جي ڪم ڪي لوئيندا آهن.
جروار جي راءِ بي بنياد آهي. اوهان جي ڪهاڻي بلڪل مڪمل ڪهاڻي آهي. ان حوالي سان خادم جروار ڪي گهرجي تہ هو تنقيد جا اصول پڙهي ۽ ڪنهن بہ لکڻيءَ تي اُڀري راءِ ڪي رائي ۽ غير ادبي ۽ بازاري ٻوليءَ کان پاسو ڪري.
(پروفيسر نويد سنديلي جي هي راءِ، جيڪا جروار صاحب جي فيس بڪ وال تي سائينءَ ڏني ۽ چند سيڪندن ۾ اتان غائب ڪئي وئي.)

## خادم حسين جروار

پيارا سائين, هڪ دفعو وري وضاحت ٿو ڪريان تہ سائين نويد صاحب وارو ڪمينٽ مون ڊليٽ نہ ڪيو هو.

## عابد شبير سنڌي

سائين تمام زبردست  توهان جهڙا اديب ڳولهي لين اڄ ڪالهہ تنقيد ڪرڻ واري سان ماٺون وڙهي ٿا پون.
ادب جي دنيا جا استاد آيو هڪ ڳالهہ توهان کان بہ سکڻ لاءِ مليو آهي ۽ سائين خادم حسين جروار کان بہ  مليو آهي.
سائين توهان ڳوٺ جي باري ۾ لکيو آهي ۽ زبردست  پيغام آهي.
۽ سائين خادم حسين جروار  بہ زبردست لکيو آهي سائين نئي جنريشن لاء مطلب تہ شهر جي جوانن لاء پيغام ڏنو تہ هنن لاء اهڙو لکو جنهن هو تعليم ڏانهن اچن.
ٻنهي جي طرفان بهترين پيغام آهي اسان بہ توهان جا ننڍا شاگرد آهيون اسان بہ پنهنجي لکڻين  بهتري آڻينداسين قرب.

## اسڪالر مور مغيري

### خادم حسين جروار جي تنقيد عجب جهڙي آهي!

ڪهاڻي ”فاتح مرڪ“ کي ”ردي ۽ ڪارو ٿئو“ جي تشبيهه ڏيئي چڙيائين. سندس اعتراض ته اجايا آهن. سائين جو چوڻ آهي ته، سنڌي ڪهاڻي اجان گڏهه ڪان اڳتي ناهي وڌي يعني گڏهه ڪان نفرت جو اظهار. گڏهه هڪ عوامي جانور ۽ مزدور جو مددگار آهي. سنڌ ۾ لکين مزدور، گڏهه گاڏي تي مزدوري ڪري پنهنجو گهر هلائيندا آهن. گڏهه لکين خاندانن جي پالنا جو بهترين ذريعو آهي. اهڙي جانور جو ذڪر ڪرڻ ته خرابي ناهي. ”پڙهندين نه ته گڏهه چاريندين چا؟“ هي جملو ته محاوري ڪان وڌي چوٽيءَ جي شڪل اختيار ڪري ويو آهي يعني چوٽي ۽ محاورو به. چوٽي، محاوري يا اصطلاحن جو استعمال ته ليک جي حسناڪيت ۾ اضافو آڻيندا آهن پر جروار صاحب کي گڏهه جو استعمال نٿو وڻي. دنيا ۾ اهي لکاري ڪامياب ٿيا، جن عوامي رنگ اپنايو آهي. ”فاتح مرڪ“ ۾ عوامي رنگ نظر اچي ٿو.

جروار صاحب جو چوڻ آهي ته، ٻار رانديڪا گهرندو آهي يا پئسا (خرچي)، نوان ڪپڙا نه ۽ ٻار کي ڪيئن خبر پئي ته ٻڌئي زميندار ڪٽي ويندو. پهرين ڪان وٺي پنجين درجي تائين ٻار معصوم هوندو آهي ۽ ڇهين درجي ڪان وٺي ٻارهين درجي تائين ٻار، هوندو ٻار آهي پر سمجهه رکندو آهي. ڏهين درجي جو ٻار به جيڪڏهن پڙهڻ ڪان انڪار ڪندو ته پيءُ ڪيس مٿيون جملو چئي سگهي ٿو ۽ اهو ٻار رانديڪن جي نه پر نَوَن ڪپڙن جي گُهر ڪندو ۽ گهر ۽ فصل جي مڪمل ڄاڻ به رکندو، تنهنڪري جروار صاحب جي اها ڳالهه به اجائي آهي. ڪهاڻي ”فاتح مرڪ“ ننڍڙي ضرور آهي پر گهرائي وڏي رکي ٿي. ننڍي ڪهاڻي هجڻ

سبب زمين، گفتگو ۽ منظرنگاري ۾ محدود آهي پر اثر واري لڳي ٿي. آخر ۾ ”ردي، ڪارو ٿئو ۽ منهن ڪارو“ ڪي پڙهڻ ڪان پوءِ چئي سگهجي ٿو ته هيءَ ذاتي رنجش آهي. جو ته انهن لفظن ته جروار صاحب جي تنقيد جو بيڙو ٻوڙي ڇڏيو آهي. سنڌي ادب ۾ جيڪڏهن اهڙي تنقيد ڪي ٻه تنقيد سڏجي ته پوءِ ادب جو ميلو گل چئبو...... نقاد ڪي لکڻيءَ ڪي پرکڻ مهل ذاتي اختلافن ڪان پاسو رهڻ گهرجي.

## تنقيد جي جواب ۾ اسد عليءَ جو ليک:

### آفاق احمد آفاق (اسد علي)

سنڌي ادب ۾ تعميري تنقيد نه هجڻ جي برابر آهي.ڪجھ نقاد آهن جيڪي تنقيد جي اصولن جي مطابق ادب جي ڇنڊڇاڻ ڪن ٿا نه ته اڪثر هڪ طرفي تنقيد ٿي رهي آهي.اهم ڳالھ اها آهي ته اسان وٽ جيڪو لکي ٿو سو چاهي ٿو ته جيئن مان لکان ۽ جيڪو لکان سو پسند ڪيو وڃي ۽ ڪوبه ان تي ڪنهن قسم جو اعتراض نه ڪري جو هڪ ٻه ليک ڇپجڻ ڪان پوءِ اسان جي اڪثر لکندڙن کي لڳندو آهي ته هو پرفيڪٽ آهن پر اسان جو مطالعو ٻڌائي ٿو ته ائين ناهي... هر سٺي لکندڙ جي پويان سٺي نقاد جو هجڻ لازم آهي پر شرط آهي ته نقاد تنقيد براءِ تنقيد جو قائل نه هجي.

سائين محمد علي پناڻ جي تازو ڇپيل هڪ ڪهاڻيءَ تي تنقيدي مضمون لکيو ويو ته اهو ڏسي حيران ٿي ويس ته سينيئر ۽ بهترين اديب هجڻ جي باوجود سائين نه صرف ان مضمون جي آجيان ڪئي پر ٻين کي به تحريڪ ڏني ته هو به ان ڪهاڻيءَ يا ڪيل تنقيد تي پنهنجي راءِ ڏين ... سوچو ائين ڪير ڪندو آهي؟

ڪندو به آهي ته اهڙن ماڻهن جو انگ ڪيترو آهي جيڪي ايڏي فراخدليءَ جو مظاهرو ڪن. اسان وٽ ته حال اهو آهي جو هڪ صاحب مون کي پنهنجو هڪ افسانو ڏيکاريو... چيئين پڙهي رايو ڏيو ته ڪيئن آهي؟ مون پڙهي افساني جي ڪجهه ڪمزور پاسن ڏانهن اشارو ڪيو ته ليکڪ صاحب صفا ڪاوڙجي ويو چيئين سائين افسانو ته بهترين آهي... مون به چيو جناب منهنجي غلطي آهي توهان درست ٿا فرمايو. ان ڏينهن کان پوءِ ان سان وري ملاقات نه ٿي سگهي آهي ... سمجهي سگهو ٿا ته ڇو؟ ... ته ڳالهه اها آهي ته ايڏي سينيئر اديب جو پنهنجي ليک تي اهڙي طرح تنقيد جي خوش دليءَ سان آجيان ڪرڻ مون کي حيران ڪري ويو. جيڪر ته هر لکڻ وارو اهڙي هاڪاري سوچ رکي ته اسان جي ادب جا ڏينهن ئي بدلجي وڃن.
سائين محمد علي پناڻ صاحب سلامت رهو... ائين لکندا رهو. توهان هڪ بهترين ۽ صحت مند ادبي روايت کي هٿي وٺرائي رهيا آهيو ۽ اهو ڪو معمولي ڪم ناهي.

## اسد عليءَ کي منهنجو ( محمد علي پناڻ) جو جواب :

ياءُ اسد علي، سنڌي ادبي سنگت جا تنقيدي ڪلاس ختم ٿي ويا آهن. جيڪي هلن ٿا، انهن ۾ تنقيدي شعور اڻلڀ ٿي ويو آهي. انڪري هن دؤر جي اسان سيني لکندڙن کي پنهنجي سمورين لکڻين کي تنقيد لاءِ فراخدليءَ سان پيش ڪرڻ کپي. جنهن سان تنقيد جي بينل پاڻيءَ کي وهڪرو ملندو ۽ اسان جي مستقبل جو ادب وڏيک شاهوڪار ٿي سرجبو.

**محمد علي ميرجت**

عنوان اگرو لڳو ۽ بلڪل ڪنهن لکڻي کي رد ڪرڻ تنقيد جو اصول ئي ڪونهي توهان خد سنا ڪهاڻيڪار آهيو پاڻ سڀ هڪ ٻي مان سڪندا رهندا آهيون.

هر لکڻي ۾ گنجائش ضرور هوندي آهي.

سائين محمدعلي پناڻ تمام سينئر آهي سندس ڪمينٽس بہ دليل آهي تہ تنقيد براء تنقيد جي آجيان پڻ ڪئي اٿس اهيو وڏ ماڻپو آهي.

**لاکو شبير**

ڪهاڻي پوري ساري آهي ايتري ويل يا خراب به ناهي جنهن نموني جي تنقيد مان گذاري وئي آهي.

پلي هي دؤر نين شين/ڳالهين جو گهرجائو آهي پر هي ٻهراڙي جي پس منظر ۾ لکيل ان ڪردار جي ڪهاڻي آهي جيڪو اسڪول نه ٿو وڃڻ چاهي.

پڙهڻ يعني تعليم حاصل ڪرڻ نه ٿو چاهي پر سندس پيءُ جيڪو پڻ مک ڪردار آهي اهو ڪيس ڪنهن به طريقي پڙهائڻ چاهي ٿو اهو ئي ڪهاڻي جو مثبت پاسو آهي.

انَ، فصل جو ذڪر وغيره واضح طور ٻڌائي ٿو ته هي ڳوٺ/ ٻهراڙيءَ جي ڳالهه آهي

اسان جي ٻهراڙي ايتري جديد ناهي ٿي جنهن تارازيءَ تي هن ڪهاڻي کي توريو ويو آهي.

**وسيم سومرو**

تنقيدي جائزو وٺڻ لاءِ پڙهڻ تہ لازم آهي. هت عنوان مان ئي

منفي نيت جي خبر پئجي وجي ٿي. مطلب جنهن ڪهاڻي ۾ گڏهه جو ذڪر هوندو اها پراڻ پسند ٿي ويندي. عجيب منطق آهي، ڪهاڻي ۾ رڳو مڪالما به تنقيد نگار کي نٿا وڻن. ۽ اهو چوڻ ته هي کهڙو ٻار آهي، جيڪو ڪپڙن تي ضد ٿو ڪري. خبر ناهي تنقيد نگار چو بي خبر آهي، ڇا ٻار رڳو رانديڪن تي ضد ڪندا آهن، ڪپڙن، بوٽن وغيره تي ضد ناهن ڪندا. تنقيد نگار کي گهڻ رخو هجڻ گهرجي. هن ڪهاڻيءَ ۾ ڪجهه به نه هجي پر هن وائڙي تنقيد کان مونکي پڪ آهي ته ڪهاڻيءَ ۾ ڪجهه نه ڪجهه آهي.

### زاهد منگي

تنقيد تخليق جي سونهن هوندي آهي، پر عنوان قطعي غير مناسب آهي.

### شوڪت علي شنباڻي

زبردست تنقيد پر پوڙها اديب، وارو لفظ ڏکيو لڳو، باقي اوهان جي تنقيد ان ڳالهه جي گواهي ٿي ڏي ته اوهان ڪهاڻي سٺي نموني پڙهي پوءِ لکيو آهي، ايئن ڏسانءِ جاني

### فرهاد جروار

ڪهاڻي ۾ دم ناهي بنهه عام رواجي ڪهاڻي آهي.

## ”فاتح مسکراہٹ“ (کہانی)

### محمد علی پٹھان

”نہیں پڑھو گے؟ صاف صاف بتاؤ؟“

”نہیں۔“

”گدھے چراؤ گے؟“

”ہاں، ماموں خاکل چراتا ہے۔“

”ٹھیک ہے بیٹا، وہ بھی ایک کام ہے، جیسے پڑھنا ایک کام ہے۔

وہ جسمانی ہے، یہ ذہنی۔“

”مجھے نہیں سمجھ آتی یہ جسمانی، ذہنی باتیں۔ میں نہیں پڑھوں گا۔“

”یار، ایسا نہ کرو۔ چلو تمہیں کوئی اچھا سا کھلونا لے دوں گا، بس پڑھ لو۔“

”مجھے کپڑے لے دو۔ وہ بھی پرانے ڈھیر والے نہیں، نئے۔“

”ٹھیک ہے، فصل آنے پر لے دوں گا۔ وعدہ رہا۔ اب تو چلو گے اسکول؟“

”نہیں جاؤں گا۔ فصل پر تو سارا اناج وڈیرہ قرض کے بدلے لے جائے گا۔

پھر پیسے کہاں ہوں گے؟ کپڑے کیسے لاؤ گے؟“

باپ کی آنکھیں بھر آئیں۔

”آپ کیوں رو رہے ہیں؟“

باپ کچھ نہ بولا، بس سسکیوں میں ٹوٹتا چلا گیا۔

بچہ اپنے باپ کو مزید روتا ہوا نہ دیکھ سکا۔

وہ آگے بڑھا، باپ کے گلے لگ گیا، اور دھیمی، بھرائی ہوئی آواز میں بولا:

”نہ روئیں۔۔۔بس کریں۔۔۔

نئے کپڑے نہ بھی لیں تو کوئی بات نہیں۔۔۔

میں کل یہی پرانے پہن کر آپ کے ساتھ اسکول چلا جاؤں گا۔“

باپ نے خود کو سنبھالا، نم آنکھوں کے ساتھ بیٹے کو سینے سے لگا لیا۔

اس کے لبوں پر ایک ایسی مسکراہٹ ابھری۔۔۔

جیسے اس نے ساری دنیا فتح کر لی ہو۔

**“*The Smile That Won*”** (Muhammad Ali Pathan)

*Translated by Junaid Farooqui.*

“Are you going to school··· or not?”

The question didn’t come harshly---

but it carried a weight the child could somehow feel.

“No.”

A pause settled between them.

Heavy. Unmoving.

The father tried again, softer this time.

“Then··· will you herd donkeys?”

The boy shrugged slightly.

“Uncle Khakal does.”

Something flickered in the father’s eyes

a thought, perhaps a fear.

“That too is work, son,” he said, forcing calm into his voice.

“Like studying.

That is work of the body··· this, of the mind.”

The boy frowned, unimpressed.

“I don’t understand any of that.

I’m not going.”

Silence crept back in.

It lingered longer this time.

The father looked away for a moment, as if searching for something...

a reason, a hope··· an answer.

“Alright,” he said at last, almost pleading now.

“I’ll buy you something nice. A toy.

Just go to school.”

The boy’s eyes lifted. Not with excitement...

but with something far more serious.

“Buy me clothes.”

The father blinked.

“Not those half-worn ones…

new ones.”

For a moment, the world seemed to stop.

“After the harvest,” the father replied quickly.

“I promise. Now… will you go?”

The boy shook his head slowly.

“No.”

Another pause.

But this one felt different…

deeper… sharper.

“At harvest,” the boy said quietly,

“the landlord will take all the grain… for the debt.”

The father froze.

“There won’t be any money,” the boy continued, his voice steady,

“so how will you buy them?”

Something inside the father broke…

not loudly, not suddenly…

but like a thread that had been stretched too far for too long.

His eyes filled.

“Why are you crying?”

No answer.
Only a quiet, helpless collapse into tears
as if years of silence had finally found a voice.
The boy stood still.
Confused. Troubled.
Then something shifted in him.
He stepped forward, slowly…
wrapped his small arms around his father
“Don’t cry… please…”
His voice trembled now.
“It’s okay… you don’t have to buy new clothes…”
A breath.
“I’ll wear the same ones…
and go to school with you tomorrow.”
The father held him tightly
as though afraid the moment might slip away.
And then…
through the tears,
through the weight of everything unsaid
a smile appeared.
Not loud.
Not bright.
But deep.
A smile that carried loss... love... surrender...
and somehow,
felt like a victory greater than anything else...

ڪڏهن ڪڏهن،
هڪ مرڪ رڳو مرڪ نہ هوندي آهي
اها هڪ ڪهاڻي هوندي آهي،

جيڪا لفظن کان اڳتي
وڃي دل ۾ لهي ويندي آهي۔

”فاتح مرڪ“ هڪ اهڙي مختصر ڪهاڻي آهي،
جيڪا سادن لفظن ۾ وڏي سچائي بيان ڪري ٿي۔

هتي هڪ پيءُ جي بيبسي آهي،
هڪ ٻار جي معصوم ضد آهي،
۽ انهن ٻنهي جي وچ ۾ هڪ اهڙو لمحو
جيڪو غربت، محبت ۽ قرباني ءَ کي
هڪ ئي فريم ۾ قيد ڪري ڇڏي ٿو۔

هي ڪتاب رڳو هڪ ڪهاڻي نہ،
پر هڪ احساس آهي
اهو احساس،
جيڪو پڙهندڙ
کي ماٺ ۾ سوچڻ تي مجبور ڪري ٿو۔

هن ڪتاب جي خاص ڳالھ اها بہ آهي تہ:
ڪهاڻيڪار سان هڪ فڪري ۽ انٽرويو شامل آهي۔ ڪهاڻي تي ڪليل تنقيدي دعوت ڏنل آهي ۽ مختلف اديبن، شاعرن ۽ نقادن جا خيال، سوال ۽ ردِعمل پڻ هن ۾ شامل آهن ۔ اهڙيءَ طرح، ”فاتح مرڪ“ صرف پڙهڻ لاءِ نہ، پر هڪ ادبي مڪالمو بڻجي سامهون اچي ٿي۔

جنيد فاروقي
لاڙڪاڻو

9 780210 420263